

# اعليٰ حضرت جو

# عشقِ رسول صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اعلىٰ حضرت جو عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله　　وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله　　وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

بحروبر جي بادشاهہ، ٻنهي جهانن جي شهنشاهہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي: جيڪي ماڻهو ڪنهن مجلس ۾ ويهندا آهن، پوءِ اُن ۾ نہ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندا آهن ۽ نہ ئي اُن جي نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي دُرودِ پاڪ پڙهندا آهن، تہ قيامت جي ڏينهن اُها مجلس اُنهن جي لاءِ حسرت جو سبب ٿيندي. الله عَزَّوَجَلَّ چاهي تہ انهن کي عذاب ڏئي ۽ چاهي تہ بخشي ڇڏي.

(ترمذی،کتاب الدعوات،باب فی القوم یجلسون ولا یذکرون اللہ ،۲۴۷/۵،حدیث:۳۳۹۱)

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود　　بار بار اور بے شُمار دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّیْ وَلَوْ آیَۃً يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت جو عشقِ رسول

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ٻيو ڀيرو حج جي لاءِ تشريف وٺي ويا ۽ مديني منوره زادَهَا اللہُ شَرَفاً وَّتَعْظِیْماً ۾ نبيِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زيارت جي آرزو ڪٽي روضي مبارڪ جي سامهون دير تائين صلوٰة و سلام پڙهندا رهيا، پر پهرين رات قسمت ۾ اها سعادت نه هئي، انهيءَ موقعي تي اهو مشهور نعتيه غزل لکيو جنهن جي مَطلَع (يعني پهرين شعر ۾) ۾ دامنِ رحمت سان وابستگي جي اميد ڏيکاري آهي.

وہ سُوئے لالہ زار پھرتے ہیں
تیرے دن اے بہار پھرتے ہیں

**شعر جي وضاحت**: اي بهار خوش ٿي وڃ! جو تو تي بهارن جي بهار اچڻ واري آهي، هو ڏس! مديني جا تاجدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سوءِ لاله زار يعني باغ ڏانهن تشريف وٺي اچي رهيا آهن.



www.dawateislami.net

مَقطع (يعني آخري شعر جنهن ۾ شاعر جو تَخَلُّص ايندو آهي) ان ۾ بارگاهِ رسالت ۾ پنهنجي عاجزي ۽ مسڪيني جو نقشو ائين چٽيو آهي تہ:

ڪوئی کیوں پوچھے تیری بات رضاؔ　　تجھ سے شَیدا ہزار پھرتے ہیں

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ٻئي مصرعي ۾ عاجزي جي طور تي پنهنجي لاءِ ”ڪتي“ جو لفظ استعمال فرمايو آهي پر سگِ مدينه عُفِي عنه ادبًا ”شيدا“ لکي ڇڏيو آهي (جنهن جو مطلب آهي عاشق)

شعر جي وضاحت: هن مَقطع ۾ عاشق ماهِ رسالت، سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه وڏي عاجزي جو اظهار ڪندي پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪري فرمائن ٿا: اي احمد رضا تون ۽ تنهنجي حقيقت ڇا آهي! تو جهڙا تہ هزارين سگانِ مدينہ گهٽين ۾ ائين ئي گهمي رهيا آهن!

اهو غزل عرض ڪري انتظار ۾ ادب سان ويٺا هئا تہ قسمت جاڳي پئي ۽ اکين سان بيداري ۾ پياري مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ديدار جو شرف حاصل ڪيائون.

آنکھ محوِ جلوۂ دیدار دل پُر جوشِ وجد
لب پہ شکرِ بخششِ ساقی پیالی ہاتھ میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ن عِشقِ رسول کي پنهنجي زندگي جو سرمايو ۽ ذڪرِ رسول کي ڄڻ پنهنجو ورد وظيفو بڻايو هو، سڄي عُمر پنهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ عظمت ۾ نعتون لکي ڪري ماڻهن کي عِشقِ رسول جو درس ڏيندا



www.dawateislami.net

رهيا ۽ اُنهن جي دِل ۾ عِشّقِ حبيب جا ڏيئا ٻاريندا رهيا، ڳڏوگڏ پنهنجي زبان ۽ قلم جي ذريعي تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عزّت ۽ ناموس جي حفاظت ڪندا رهيا، جڏهن ته پاڻ زبردست عاشِقِ صادِق هئا، تنهنڪري دَرِ حبيب جي حاضري جو شوق سيني ۾ موجون ماريندو رهيو ۽ جڏهن پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي پنهنجي ڪريم آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ حاضري جي سعادت ملي ته پياري آقا، مڪّي مدني مُصَطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شانِ عظمت ۾ دل جي گهراين سان نڪرندڙ ۽ عِشّقِ مُصَطَفٰي ۾ تربتر اَشعار، اُن پاڪ بارگاهه ۾ پيش ڪري ڇڏيا. رِقّت ۽ سوز سان ڀرپور اَشْعار کي دَرَجَهء قبوليت حاصل ٿيو، غيب دان آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رحمت کي جوش آيو ۽ حُضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي ديدار جو شربت پِياري ڪري ڇڻ ته، اعلٰي حضرت جي عاشِقِ صادق هئڻ تي پنهنجي مُهر لڳائي ڇڏي .

جو ہے اللہ کا ولی بے شک — عاشقِ صادِقِ نبی بے شک
غوثِ اعظم کا جو ہے متوالا — واہ کیا بات اعلٰی حضرت کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عشق ۽ مَحَبّت ڇا کي چوندا آهن:

حُجَّةُ الاسلام حضرتِ سَيدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ مَحَبَّت جي تعريف ڪندي فرمائن ٿا: طبيعت جو ڪنهن لذيذ شيء جي طرف مائل ٿي وڃڻ کي "مَحَبَّت" سڏيو ويندو آهي. ۽ جڏهن هي ميلان قوي ۽ پختو (يعني تمام گهڻو) ٿي وڃي ته اُن کي "عشق" چيو ويندو آهي. (احياء العلوم، ۱۶/۵)

يعني ڪنهن پسنديده شيء جي طرف تَعَلُّق قائم ٿي وڃڻ کي مَحَبَّت چيو ويندو آهي ۽ جڏهن اِهو ئي تعلق شدت اختيار ڪري وڃي ته ان کي عشق



www.dawateislami.net

چوندا آهن. جڏهن تہ اللهَ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ۽ عشق جو مطلب ئي اهو آهي تہ ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري وارا ڪم ڪيا وڃن. حضرتِ سهل بن عبدُالله رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: **الله** عَزَّوَجَلَّ سان مَحَبَّت جي علامت، **قرآن** سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي ۽ **قرآن** سان مَحَبَّت جي علامت، **نبي ذيشان** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي ۽ **نبيِّ آخِر الزّمان** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي علامت، ان جي **سُنت** سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ انهي سيني سان مَحَبَّت جي علامت هي آهي تہ آخرت سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ آخرت سان مَحَبَّت جي علامت هي آهي تہ قدرِ ضرورت کان علاوه، دُنيا کان بُغض رکڻ. (الجامع لاحکام القرآن، الجزء الرابع،۴۸/۲، ملتقطاً )

## عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا فائدا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو، سچو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو دنيا جي مَحَبَّت کان جان ڇڏائي ڪري اللهَ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۾ زندگي گذاريندو آهي ۽ ضرورت کان وڌيڪ دنيا جي پنيان نہ وڃي. جيڪو ماڻهو عشقِ مُصطَفٰي کي دُنيا جي مرغوب شين تي ترجيح ڏيندا آهن، انهن کي هي عظيمُ الشان انعام حاصل ٿيندا آهن:

1. الله عَزَّوَجَلَّ اهڙن ماڻهن جي دِلين ۾ ايمان راسخ فرمائي ڇڏيندو آهي.
2. ان جو خاتمو بہ چڱو ٿيندو آهي .
3. الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ جبريلِ امين عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ذريعي اهڙن ماڻهن جي مدد فرمائيندو آهي.
4. انهن کي هميشہ رهڻ واري جنّتن ۾ داخل فرمائيندو، جن جي هينان نهرون وَهن ٿيون.
5. اهڙا ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جا پسنديده ٻانها سڏيا ويندا آهن .



www.dawateislami.net

6. مَن جون مُرادون ماٽيندا آهن، بلڪ اميد ۽ خيال کان به وڌيڪ نعمتون حاصل ڪندا آهن.
7. سڀ کان وڏي خوشخبري هي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي ٿي ويندو آهي.

(ماخوذ از تمہید الایمان:۶۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت جو تعارف

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ولادت باسعادت بريلي شريف جي پاڙي جَسولي ۾ 10 شَوَّالُ الْمُکَرَّم 1272هه، ڇنڇر جي ڏينهن ظهر جي وقت بمطابق 14 جون 1856ع تي ٿي. (حیاتِ اعلیٰ حضرت،۱/۵۸بتغیر ) اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن هن آيتِ ڪريمه مان پنهنجو سِنّ ولادت ڪڍيو آهي:

اُولٰٓىٕكَ كَتَبَ فِیْ قُلُوْبِهِمُ الْاِیْمَانَ وَ اَیَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ (پ 28 المجادلہ:22)

**ترجموڪنزالايمان**: اهي آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان کي نقش فرمائي ڇڏيو ۽ پنهنجي طرف کان روح سان انهن جي مدد فرمائي.

اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ خانداني لحاظ کان پٺاڻ، مَسلڪ جي اعتبار کان حَنَفِي ۽ طريقت ۾ قادِري هئا. توهان جا والِدِ ماجِد، **اُستاذُ العُلَماء** مولانا نَقِي علي خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ۽ ڏاڏا مولانا رضا علي خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ آهن.[1] اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو پيدائشي نالو "**محمد**" آهي، اوهان جي والِده ماجِده مَحَبَّت ۾ "آمَّن ميان" **ڪري** سڏينديون هيون، والد ماجِد ۽ ٻيا رشتيدار "**احمد ميان**" جي نالي سان سڏيندا هئا، اوهان جي ڏاڏي توهان جو نالو "**احمد رضا**" رکيو، اوهان جو تاريخي نالو "**اَلْمُخْتَار**" آهي ۽ اعليٰ حضرت

1...فاضل بریلوی علمائے حجاز کی نظر میں،ص۶۷ملخصاً



www.dawateislami.net

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه خُود پنهنجي نالي کان پهريان ”عبدُالمصطفيٰ“ لکندا هئا. [1] جنهن سان توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي عِشقِ رسول جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو، جيئن تہ پنهنجي نعتيہ ديوان ”حدائق بخشش“ ۾ هڪ جڳهہ تي فرمائن ٿا:

خوف نہ رکھ رضا ذرا، تُو تو ہے ”عبدِ مُصطفٰی“     تیرے لئے اَمان ہے، تیرے لئے اَمان ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا القابات

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي لَقَبن مان مشهور ترين لَقَب ”اعليٰ حضرت“ آهي، هي لَقب توهان جي ذات سان ڳنڍ هن طرح خاص آهي جو جڏهن بہ اعليٰ حضرت چيو، ٻڌو ويندو آهي، ذِهن فوراً سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي طرف ئي ويندو آهي. عُلماءِ اهلِ سُنَّت، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اِن کان علاوه ٻين بہ ڪيترن ئي لقبن سان ياد ڪندا آهن. جيئن تہ

شَيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرتِ علّامه مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”امام احمد رضا جو تذڪرو“ ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو ذڪرِ خير، هنن القابن ۽ اَلْفاظن سان فرمايو آهي: اعليٰ حضرت، امامِ اَهلسنَّت، ولي نعمت، عظيمُ الْبرڪت، عظيمُ المرتبت، پروانہء شمعِ رِسَالت، مُجدِّدِ دِين و ملّت، حامي سُنَّت، ماحِي بدعت، عالِمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برڪت.

---

1...فيضانِ اعليٰ حضرت، ص۷۷ ملخصاً



www.dawateislami.net

اُس کی ہستی میں تھا عمل جوہر — سُنّتِ مصطفٰی کا وہ پیکر
عالمِ دِین صاحبِ تقویٰ — واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سيرت، اوهان جون فتاويٰ، ملفوظات ۽ سندن جي نعتيہ شاعري کي پڙهي يا ٻُڌي ڪري هر سمجهدار هي ڳالهہ بخوبي سمجهي سگهي ٿو تہ عِشقِ رسول اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي رڳ رڳ ۾ سَمايل هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پوري زندگي، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعريف ۽ تَوصِيف بيان ڪئي، حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ سَتُوده صِفات (يعني جنهن ۾ قابلِ تعريف خوبيون هجن) اهڙي ذات تي اِعتراضات ڪرڻ وارن کي منهن توڙ جواب ڏنا ۽ قرآنِ پاڪ جي ترجمي ۾بہ شانِ رسالت جو خاص خيال رکيو. ائين سمجهو جو عِشقِ مُصطَفٰي جي شمع ماڻهن جي دل ۾ روشن ڪرڻ، اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو بُنيادي مَقصَد هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نَعتِيہ ديوان "**حدائقِ بخشش شريف**" جو هر هر شعر سندن جي عِشقِ رسول جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي عِشقِ رسول جو اندازو هن ڳالهہ سان ڪريو تہ پاڻ نہ صرف پنهنجي ٻنهي شهزادن (پُٽن) جو نالو بلڪ پنهنجي ڀائيٽن تائين جا نالا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نالي(جي نسبت سان) رکيا.

(ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت ، ص۷۳ ملخصاً)

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ذاتِ مُبارڪ، سنّتِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حقيقي نمونو هئي، توهان جو اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، هلڻ گهمڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ،سڀ سنّت جي مُطابق هوندو هو، سنّتن سان مَحَبَّت جو هي عالَم هو جو هڪ



www.dawateislami.net

پيري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کٽي آيل ھئا، کاڌو آندو ويو سيني کي سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي کاڌي شروع فرمائڻ جو انتظار ھو، اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ونگين جي ٿالھ مان ھڪ ڳترو کڻي کاڌو پوءِ ٻيو ........... پوءِ ٽيون .......... ھاڻي ھڪ ٻئي کي ڏسندي ماڻھن بہ ونگيءَ جي ٿالھ ڏانھن ھٿ وڌايا پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه سيني کي منع ڪري فرمائڻ لڳا تہ سڀ ونگيون آئون ئي کائيندس، پوءِ پاڻ سڀ ختم ڪري ڇڏيون، حاضرين حيران ٿيا تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام قليل الغذا يعني گھٽ غذا کائڻ وارا آھن، پر اڄ ايڏيون ساريون ونگيون ڪيئن تناوُل فرمائي ويا! ماڻھن جي پُڇڻ تي فرمايائون، مون جڏھن پھريون ڳترو کاڌو تہ اھو ڪوڙو ھو ان کان پوءِ ٻيون ۽ ٽيون بہ ، تنھن ڪري مون ٻين کي روڪي ڇڏيو تہ ٿي سگھي ٿو ڪو ماڻھو ونگي وات ۾ وجھي ۽ ڪيس ڪوڙي لڳي ۽ اھو ٿوُ ٿوُ ڪرڻ شروع ڪري ڏي. جيئن تہ ونگي کائڻ منھنجي مٺي مٺي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتِ مبارڪ آھي، ان لاءِ مون کي پسند نہ ھو تہ ان کي ڪوڪائي ڪري ٿُو ٿُو ڪري اڇلائي . (فيضانِ سُنّت ،ص۴۵۷)

مجھ کو میٹھے مُصطفےٰ کی سُنّتوں سے پیار ہے
اِنْ شَآءَاللّٰہ دوجہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توھان ڏٺو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي عشق ڪوڙي ونگي کائڻ گوارا ڪيو پر ھي گوارا نہ ڪيو تہ ڪو شخص مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبوب شيءِ وَنگي کائي ڪري مُنھن بگاڙي يا ڪنھن طرح جي ناپسنديدگي جو اِظھار ڪري، يقيناً ھي سندن رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ اُن جي سُنّت سان سچي مَحبَّت جو ظاھر ثُبوت ھو، ڇو جو جيڪو تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّت سان مَحبَّت ڪندو آھي، درحقيقت اھو آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي سان مَحبَّت ڪندو



www.dawateislami.net

آهي جيئن تہ مڪّي مَدَني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حقيقت بُنياد آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِيْ وَمَنْ اَحَبَّنِيْ كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان مَحَبَّت ڪئي، اُن مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي، اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**اِتباعِ سُنت** جي برڪت سان اللّٰه تعاليٰ جو قُرب نصيب ٿيندو آهي، **اِتباعِ سُنت** جي برڪت سان ٻنهي جهانن ۾ سرفرازي ۽ سُرخروئي نصيب ٿيندي، **اِتباعِ سُنت** جي برڪت سان عشقِ رسول ۾ اِضافو ٿيندو. **اتباعِ سنت** ۾ بي شمار حڪمتون، اتباعِ سنّت سان درجات بلند ٿيندا آهن.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه، مڪّي مدني سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حقيقي مَحَبَّت جي سبب حديثِ پاڪ جو بي اِنتها اَدَب فرمائيندا هئا. هميشہ دَرسِ حديث اَدَب سان گوڏن پر ويهي ڪري ڏيندا هئا. احاديثِ ڪريمہ کي بغير وُضو هٿ نہ لڳائيندا هئا ۽ نہ پڙهائيندا هئا. احاديث جي ڪتابن تي ڪا ٻي ڪتاب نہ رکندا هئا. حديث جي شَرَح ۽ وضاحت جي دوران جيڪڏهن ڪو شَخص ڳالهہ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندو هو، تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سخت ناراض ٿي ويندا هئا، ايستائين جو چهرهء مُبارڪ غُصّي جي سبب ڳاڙهو ٿي ويندو هو. حديثِ پاڪ پڙهائيندي وقت پَير، رانن تي رکي ڪري ويهڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا. (فيضانِ اعليٰ حضرت، ص ٢٧٦ ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي تہ اسان بہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نقشِ قدم تي هلندي قرآن ۽ حديث جي اَدَب ۽ اِحتِرام جو خاص خيال رکون گڏوگڏ قرآن ۽ حديث ۽ سُنّتن پريا بيانات ٻڌڻ وقت بہ ڀرپُور توجهہ ۽



www.dawateislami.net

سمورن آداب جو خيال رکندي بي اَدَبي ۽ غفلت ۽ لاپرواهي کان بچون. ياد رکو تہ **اَدَب** انسان کي ڪاميابي جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيندو آهي ۽ **بي اَدَبي** اُن کي ناڪامي ۽ مَحرومي جي دُبڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيندي آهي. افسوس! اڄ ڪلهہ تہ هر طرف بي اَدَبي جو رواج آهي بالخُصُوص مُبارڪ اَسماء (نالن وارن) ۽ مُقَدَّس اوراق (ڪاغذن) جو اَدَب ۽ اِحتِرام تہ هاڻي تقريبًا ختم ٿيندو پيو وڃي، اڪثر ڪري اللہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مَدَني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اَسماءِ مبارڪ ۽ آياتِ قرآنيہ وارا ڪاغذ رستي بلڪ مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ گندي نالين ۾ پيل ڏٺا وڃن ٿا، ائين ئي ڪجھ ماڻهو حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ عظمت نشان ۾ ڄاڻي ڪري يا بي توجهي جي سبب اهڙا اهڙا الفاظ ڳالهائيندا يا لکي ڇڏيندا آهن جيڪي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شايانِ شان نہ هوندا آهن. اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان کي بااَدَب بڻائي ۽ بي اَدَبن جي صحبت ۽ اُن جي تحريرون پڙهڻ کان محفوظ رکي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

*محفوظ سَدا رکھنا شہا! بے اَدَبوں سے — اور مجھ سے بھی سَر زَد نہ کبھی بے اَدَبی ہو*

اعليٰ حضرت تي اللہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خاص ڪرم هو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تحرير جو انداز ايتري قدر دلڪش آهي جو خُود اَدَب کي بہ ان تي ناز رهندو، ائين تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تمام مُبارڪ هستين جو دل ۽ جان سان اَدَب بجا آڻيندا هئا، پر پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُعاملي ۾ تہ تمام گهڻو اَدَب جو لحاظ رکندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن جي تحرير يا گفتگو مان مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بي اَدَبي جو پهلو نڪرندو يا ڪنهن لفظ سان شانِ اَقْدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

۾ ڪمي جي بُو به محسوس ٿيندي  هئي ته فورًا تنبيه فرمائيندا هئا ڳڏوڳڏ پنهنجي تحريرن ۽ نعتيه شاعري ۾ به ان قِسَم جا الفاظ استعمال ڪرڻ کان بچندا هئا. اچو ته! اِنهيءَ متعلق به (2) ايمان اَفروز واقعا پڙهون ٿا. جيئن ته

## اَسماءِ مقدّسہ جو اَدَب

**دعوتِ اسلامي** جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظاتِ اعليٰ حضرت" صفحي 173 تي آهي ته هڪ ڏينهن سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي پائيتي مولانا حَسَنَين رضا خان صاحب، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي  فتويٰ طلب ڪرڻ وارن جي طرف کان پُڇيا ويندڙ ڪجھ سوال پُڌائي رهيا هئا ۽ جواب لکي رهيا هئا. هڪ ڪارڊ تي لفظِ الله لکيو ويو. اِن تي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن ارشاد فرمايو: ياد رکو ته آئون ڪڏهن ٽي شيون ڪارڊ تي نہ لکندو آهيان: (1) اِسۡمِ جلالت يعني الله (2) محمد ۽ احمد ۽ (3) نہ ڪا آيتِ ڪريمہ، مثلاً جيڪڏهن رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لکڻو آهي ته هن طرح لکندو آهيان: حُضورِ اَقۡدس عَلَيۡهِ اَفۡضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسۡلِيۡم يا اِسۡمِ جلالت يعني الله لکڻو هجي ته ان جي جڳھ مولي تعاليٰ لکندو آهيان . (ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص۱۷۳ملخصاً)

## خلافِ اَدَب الفاظ نہ لکي

هڪ پيري حضرت مولانا سيد شاھ اِسماعيل حَسَن ميان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان هڪ دُرودِ پاڪ لکرايو، جنهن ۾ حُضور سيدِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صِفَت جي طور تي لفظِ حُسَين ۽ زاهِد به هو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن دُرودِ پاڪ ته لکي ڇڏيو پر هي به لفظ تحرير نہ فرمايا ۽ فرمايو ته لفظِ حُسَين ۾ ننڍي هئڻ جي معني ملڻ ۽ زاهد اُن کي چوندا آهن جنهن وٽ ڪجھ نہ هجي. (جڏهن ته حضور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ته بِاِذنِ الله



www.dawateislami.net

هر شيء جا مالڪ ۽ مُختار آهن تنهنڪري ) حضورِ اَقْدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ اِنهن اَلفاظن جو لکڻ مون کي بهتر (مناسب) نہ ٿو لڳي. امام احمد رضا اور عِشْقِ مصطفٰے،ص۲۹۳ ملخصاً )

مالکِ کونَین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں　　دو جہاں کی نعمتیں ہیں اُن کے خالی ہاتھ میں

**شعر جي وضاحت:** اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت جو هي عالَم آهي تہ ٻنهي جهانن جا مالڪ آهن، پوري زمين جي سمورن خزانن جون چاٻيون توهان وٽ آهن، پوءِ بہ خالي هٿ نظر ٿا اچن، پر انهي خالي هٿن سان سيني جون جهوليون ڀريون ويندون آهن، حضرت اَبُوهُرَيره کي بي مثال حافظو، حضرت ربيعہ کي جنّت ۽ حضرت قَتَادہ کي اَک عطا فرمائي ڇڏي. (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُم)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ذاتِ بابرڪت ۾ اَدَب ۽ تعظيم جو ڪهڙو جذبو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فنا فِي اللّٰہ ۽ فنا فِي الرَّسول جي اعلٰي مَنْصَب تي فائز هئا. اَللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت توهان جي دل تي نَقش ٿي چڪي هئي،جيئن تہ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن هڪ موقعي تي خُود ارشاد فرمايو: جيڪڏهن ڪو منهنجي دل جا بہ (2) ٽڪرا ڪري ڇڏي تہ هڪ تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله ۽ ٻي تي مُحَمَّدٌرَّسُوْلُ الله لکيل ڏسندو. (سوانحِ امام احمد رضا ،ص۹۴)

حبیبِ خُدا کا نظارہ کروں میں　　دِل و جان اُن پر نِثارا کروں میں

خُدا ایک پر ہو تو اِک پر محمد　　اگر قلب اپنا دو پارہ کروں میں

خُدارا! اب آؤ کہ دَم ہے لبوں پر　　دَم واپسی تو نظارہ کروں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ذات جي لاءِ ته سڀ ڪجهه برداشت ڪري سگهندا هئا، پر بي چين دِلين جي چين، رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ اَقْدس ۾ ننڍي بي اَدَبي ۽ گُستاخي به برداشت نه ڪري سگهندا هئا، اهو ئي سبب آهي ته پيشيوَر گُستاخن جي گُستاخانه عبارتن کي ڏسندي ئي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اکين کان ڳوڙها جاري ٿي ويندا هئا، دُشمنانِ مُصطَفٰي جي سازشن کي بي نقاب ڪرڻ ۾ ڪنهن جي ملامت ڏانهن ڌِيان نه ڏيندا هئا، پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت بيان ڪرڻ ۾ مشغول رهندا هئا، ڳَڏوڳَڏ پوري زندگي گُستاخن جي طرف کان پياري مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزّت ۽ عظمت تي ٿيندڙ حملن جو سختي سان دِفاع ڪندا رهيا ته جيئن اُهي غُصّي ۾ سَڙي سکي ڪري مون کي ڪي بُرو پلو چون ۽ لکڻ شُروع ڪري ڇڏين. جيئن ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تحرير جو خُلاصو آهي: اِنْ شَآءَ اللهُ الْعَزِيْز پنهنجي ذات تي ٿيندڙ حملن ۽ تَنقيد سان پريل جملن جي طرف ڪا توجهه نه ڏيندس، سرڪار (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي طرف کان مون کي هي خدمت سِپُرد (عطا ڪئي وئي) آهي ته عزّتِ سرڪار جي حِمايت (يعني دِفاع) ڪريان نه ڪي پنهنجي، آئون ته خُوش آهيان ته جيتري دير مون کي گاريون ڏيندا، بُرو چوندا ۽ مون تي بُهتان لڳائيندا آهن، ايتري دير مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي (شان ۾) بدگوئي ۽ عيب جُوئي کان غافل رهندا آهن، منهنجي اکين جو ٺار اِن ۾ آهي ته منهنجي ۽ منهنجي ابن ڏاڏن جي عزّت۽ آبرُو عزّتِ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ڍال بڻجي رهي آهي. (فتاویٰ رضویہ،۱۵/ملخصاً) هڪ بي مقام تي ارشاد فرمايو: جنهن کي الله (عَزَّوَجَلَّ) ۽ رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي شان ۾ ننڍي به توهين ڪندي ڏسو، پلي اهو توهان جو ڪيترو ئي پيارو چو نه هجي، فوراً ان کان جُدا ٿي وڃو، جنهن کي بارگاهِ رسالت ۾ ڪا ننڍي به گُستاخي ڪندي ڏسو، پلي اهو ڪيترو ئي عظيم بُزرگ چو نه هجي،ان کي پنهنجي اندر مان کِير جي مَک جي مثل سمجهي ڪڍي ڪري اڇلائي ڇڏيو. (تعليماتِ امام احمد رضا بريلوی،ص۵ملخصاً)



www.dawateislami.net

وُہی دُھوم اُن کی ہے ماشاءاللہ　　مِٹ گئے آپ مٹانے والے
خلق تو کیا کہ ہیں خالق کو عزیز　　کچھ عجب بھاتے ہیں بھانے والے
کیوں رضاؔ آج گلی سُونی ہے　　اُٹھ مرے دُھوم مچانے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وسوسو

اِن حقيقت کان اِنڪار جي تہ گُنجائش ئي ناهي تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه واقعي هڪ زبردست عاشِقِ رسول هئا ۽ سندن جي شَخْصِيت بي شُمار خُوبين جي مجموعو هئي، پر اوهان جي تحريرن کي پڙهڻ يا ٻڌڻ کان پوءِ گهڻو ڪري ذهن ۾ هي وَسْوَسَو گردش ڪرڻ لڳندو آهي تہ توهان جي طبيعت ۾ فطري طور تي سختي جا پهلو غالب رهيا، جڏهن تہ هڪ عاشِقِ رسول ۽ ولي ڪامل کي تہ اِنتهائي نَرم طبيعت ۽ نرم مِزاج جو عادي هئڻ گهرجي.

## وَسْوَسي جو علاج

هي فقط هڪ شيطاني وَسْوَسَو آهي جو جو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سِيرَت ۽ ڪردار جو تيز فهمي سان مُطالعو ڪرڻ وارا اِن حقيقت کان بخوبي آگاهہ آهن تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِنتهائي نَرم طبيعت جا مالڪ هئا، البتہ اللّٰه ۽ رسول جي شان ۾ گُستاخي يا شرعي اَحْڪام جي هَٺ ڌرمي (تعصب) سان خلاف وَرْزِي ڪرڻ وارن جي حق ۾ تمام سَخْت هئا، پر ان جي باوُجود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سختي ڪڏهن بہ بي مَحل ۽ نامناسب نہ هوندي هئي بلڪ وڏي احتياط ۽ اِنتهائي سنجيدگي جي دائري ۾ رهندي، بي شڪ پاڻ بدمذهبن جي قابلِ اعتراض تحريرن تي سختي سان گِرفت فرمائي ۽ اُنهن سان ذرّي برابر بہ نرمي نہ ڪئي، پر ڪنهن بہ مقام تي تَهْذِيب ۽



www.dawateislami.net

شائستگي جي بغير ڪم نہ ورتو. اھو ئي سبب آھي تہ رسولِ اَڪرَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ، صحابہء ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى اَجْمَعِيْن سان بُغض ۽ عداوت رکڻ جي سبب ڪفُر ۽ گمراھي جي تنگ و تاريڪ وادِين ۾ ڀٽڪندڙ وارا ڪيترائي ماڻھو اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تحريرن جي برڪت سان پنھنجي بُري عقيدن کان تائب ٿي ڪري سچا پڪا عاشقِ رسول بڻجي ويا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پوري عُمَر اھو ئي رستو اپنائي رکيو،جيڪو صحابہء ڪرام رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جن اِختيار فرمايو ھو تہ ھي حضراتِ قُدسِيہ (مبارڪ ھستين) بہ عام مومنن جي مُعاملي ۾ اِنتھائي شفيق ۽ مھربان ھئا، پر اللہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دُشمنن جي لاءِ ان جي تلوارون ھر وقت مياڻ کان ٻاھر ئي رھنديون ھيون.

محمد کی محبّت دینِ حق کی شرطِ اوّل ہے — اِسی میں ہو اگر خامی تو سب کچھ نامکمل ہے

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تحريرن ۽ توھان جي ملفوظات جو جيڪڏھن انصاف سان جائزو ورتو وڃي تہ ھي حقيقت واضح ٿي ويندي آھي تہ بد دينن جو سختي سان ردّ ڪرڻ ۾ ھرگز ھرگز سندن ڪو ذاتي فائدو نہ ھو بلڪ فقط اللہ عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت، اوھان کي ھي انداز اختيار ڪرڻ تي اُڀاريو، نہ تہ حقيقت تہ ھي آھي تہ پاڻ پنھنجي ذات جي خاطر ڪڏھن بہ ڪنھن کان بدلو نہ ورتو ۽ اھا ئي ھڪ مومن جي ايمانِ ڪامل جي علامت (نشاني) آھي. حديث پاڪ ۾ آھي: مَنْ اَحَبَّ لِلّٰهِ وَاَبْغَضَ لِلّٰهِ وَاَعْطٰى لِلّٰهِ وَمَنَعَ لِلّٰهِ فَقَدِ اسْتَكْمَلَ الْاِيْمَانَ يعني جنھن اللہ تَعَالٰى جي خاطر مَحَبَّت ڪئي ۽ اللہ تعاليٰ جي خاطر ئي بغض رکيو ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ئي ڪنھن کي ڪجھ ڏنو ۽ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي خاطر ئي ڏيڻ کان رڪيل رھيو، تہ يقينًا ان اِيمان مڪمل ڪري ورتو. (ابو داؤد، كتاب السنة ،باب الدليل على زيادة الايمان ،۴/۲۹۰،رقم:۴۶۸۱)



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي سختيون ۽ نرميون سڀ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ هيون. الله عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دُشمنن کان علاوه ٻين ماڻهن جي حق ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نہ صرف خُود نرم مِزاج هئا بلڪ وقتًا فوقتًا ٻين کي بہ نرمي اِختيار ڪرڻ جي تاڪيد فرمائيندا هئا. جيئن تہ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي متعلّقين (تعلق رکڻ وارن) کي نصيحت جا مدني گُل عطا ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: نرمي جا جيڪي فائدا آهن، اُهي سختي سان هرگز حاصل نٿا ٿي سگهن، تنهنڪري جيڪي ماڻهو عقيدي جي مُعاملي ۾ تَذَبْذُب (ٻِڏتر) ۽ شُڪوڪ و شبهات جو شِڪار هجن، اُن سان نرمي ڪئي وڃي تہ جيئن اُهي راهِ راست تي اچي وڃن. (امام احمد رضا اور عِشقِ مصطفٰے، ص۲۷۸ملخصاً)

ڈال دی قلب میں عظمتِ مُصطفٰی حکمتِ اعلٰی حضرت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ساداتِ ڪرام سان عقيدت جو سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيئن تہ هڪ سچّي عاشق جي ويجهو محبوب سان نسبت رکڻ واري هر شيءِ بہ قابلِ عقيدت، مَحَبَّت، لائقِ اِحْتِرام ۽ عزّت هوندي آهي، تنهنڪري اعلٰي حضرت بہ پياري آقا، مڪّي مدني مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان منسوب (نسبت رکندڙ) هر شيءِ سان محبت ڪرڻ سان گڏوگڏ سيد زادن سان خاص عقيدت رکندا هئا. جيئن تہ ملِڪ الْعُلَمَاء، حضرت علّامه مولانا ظَفَرُ الدّين قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ساداتِ ڪرام، جُزءِ رسول (يعني نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ مُنَوَّر جو ٽڪڙو) هئڻ جي سبب سڀ کان وڌيڪ تعظيم ۽ توقير جا حق دار آهن ۽ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اِن تي پُورو عمل ڪرڻ وارو ڏٺم. ان لاءِ جو ڪنهن سيد صاحِب کي اُن



www.dawateislami.net

جي ذاتي سچاڻپ يا قابليت جي لحاظ سان نہ ڏسندا هئا بلڪ اِن حيثيت کي مُلاحَظہ فرمائيندا هئا تہ هي بنهي جهانن جي سَرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ”جُزء“ آهن، پوءِ اِن عقيدت ۽ نظريي کان پوءِ جيڪا ڪجھ اِنهن (ساداتِ ڪرام) جي تعظيم ۽ تَوَقِير ڪئي وڃي، سڀ دُرُست ۽ بَجا آهي. اعلٰي حضرت (رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه) پنهنجي قصيده نور ۾ عرض ڪن ٿا.

تیری نَسْل پاک میں ہے بچّہ بچّہ نُور کا　　تُو ہے عَینِ نور تیرا سب گھرانا نُور کا

(حیاتِ اعلیٰ حضرت، ۱/ ۱۷۹ملخصاً)

اچو تہ! ساداتِ ڪرام جي مَحَبَّت ۽ اُلفت سان ڀرپُور اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جا ٻہ ايمان اَفروز واقعا ٻُڌون ٿا تہ جيئن اسان جي دل ۾ بہ ساداتِ ڪرام جي مَحَبَّت ۽ عظمت جو جذبو پيدا ٿي وڃي، جيئن تہ

## نالو وٺڻ واري جي اِصلاح فرمائي

مِلِڪ الْعُلَماء، حضرت علّامہ مولانا ظَفَرُ الدّين قادري رَضَوي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت مولانا نُور محمد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ۽ حضرت مولانا سيد قناعت علي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه انهن ٻنهي بزرگن، مجدّدِ دين وملّت، اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي صحبتِ بابرڪت ۾ رهي ڪري علمِ دين حاصل ڪندا هئا. هڪ ڀيري مولانا نُور محمد رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن سَيد صاحب جو نالو وٺي ڪري هن طرح سڏيو: قناعت علي، قناعت علي! جڏهن حُضورِ اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاشِقِ صادِق، اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي ڪنن ۾ هي آواز آيو تہ گوارا نہ ٿيو تہ خاندانِ رسول جي شهزادي کي هن طرح نالو وٺي ڪري پُڪاريو وڃي. فوراً مولانا نُور محمد صاحب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کي گهُرايو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندي فرمايو: ڇا سيد زادن کي هن طرح سڏيندا آهن؟ ڪڏهن مون کي بہ هن طرح سڏيندي ٻڌؤ؟ (يعني آئون تہ اُستاد آهيان پوءِ بہ ڪڏهن



www.dawateislami.net

اهڙو انداز اِختيار نہ ڪيو) هي ٻُڌي ڪري مولانا نُور محمد صاحب تمام گهڻا شرمنده ٿيا ۽ ندامت جي سبب نظرون جهڪائي ورتيون. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: وڃو! آئنده خيال رکجو. (حياتِ اعلىٰ حضرت،١٨٣/١ملخصاً)

تيری نَسل پاک میں ہے بچّہ بچّہ نُور کا
تُو ہے عَینِ نور تیرا سب گھرانا نُور کا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيّد سڳوري جي نِرالي تعظيم

شيخِ طريقت،اَميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي”بريلي کان مديني“ ۾ تحرير فرمائن ٿا: مدينةُ المُرشد بريلي شريف جي ڪنهن هڪ پاڙي ۾ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن کي دعوت ڏني وئي هئي. عقيدتمندن پنهنجي گهر اعلىٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي تشريف آوري لاءِ پالڪي (يعني ڏولي) جو انتظام ڪيو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن ان ۾ ويٺا ۽ چئن مزدورن پالڪي کي پنهنجي ڪلهن تي کنيو ۽ هلڻ لڳا. اجا ٿورو ئي هليا تہ يڪدم امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پالڪي مان آواز ڏنو تہ ”پالڪي کي هيٺ رکو“، پالڪي هيٺ رکي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فورًا ٻاهر نڪتا، ۽ روئڻهارڪي آواز ۾ مزدورن کي فرمايو: سچي سچي ٻڌايو تہ توهان مان سيّد زادو ڪير آهي؟ ڇوتہ منهنجو ذوقِ ايماني سروَر عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خوشبو محسوس ڪري رهيو آهي . هڪ مزدور اڳتي وڌيو ۽ عرض ڪيو: حضور! مان سيّد آهيان. اجا هن جي ڳالھ پوري ئي نہ ٿي هئي جو، عالمِ اسلام جي وڏي پيشوا ۽ پنهنجي وقت جي عظيم مُجَدّد رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پنهنجو عمامو شريف ان سيّد زادي جي پيرن تي رکي ڇڏيو. امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جي اکين مان لڳاتار ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ هٿ ٻڌي التجا ڪري رهيا هئا: ”معزز شهزاده



www.dawateislami.net

منهنجي گستاخي معاف فرمايو . بي خياليءَ ۾ مون کان ڀُل ٿي وئي، هاءِ غضب ٿي ويو! جن جي نعلِ پاڪ منهنجي مٿي جي لاءِ عزت جو تاج آهي، انهن جي ڪلهي مبارڪ تي مون سواري ڪئي، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن تاجدار رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇي ورتو ته احمد رضا! ڇا منهنجي فرزند جو دوش نازنين (يعني ڪلهو) ان لاءِ هو ته هو تنهنجي سوار ٿيڻ جو وزن کڻي؟ ته پوءِ مان ڪهڙو جواب ڏيندس! ۽ ان وقت ميدان محشر ۾ منهنجي ناموس عشق جي ڪيتري نه زبردست رسوائي ٿيندي . ڪيترائي ڀيرا زبان سان معاف ڪري ڇڏڻ جو اقرار ڪرائڻ کان پوءِ به امام اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن آخري التجاءِ شوق پيش ڪئي: محترم شهزاده! هن لاشعوري ۾ ٿيڻ واري خطا جو ڪفارو تڏهن ادا ٿيندو جڏهن توهان پالڪي ۾ سوار ٿي ويهو، ۽ مان ان کي ڪلهو ڏيان. اها التجا ٻڌي ماڻهن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ ڪجهه ماڻهن کان ته رڙيون نڪري ويون. هزار انڪار کان پوءِ آخرڪار مزدور سيد سڳوري کي پالڪي ۾ ويهڻو ئي پيو. هي منظر ڪيتري قدر دل سوز آهي، جو اهلسنّت جو جليل القدر امام مزدورن ۾ شامل ٿي ڪري پنهنجي خداداد علميت (يعني خدا عَزَّوَجَلَّ جي ڏنل علم) ۽ عالمگير شهرت جو سچو اعزاز محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خوشنوديءَ جي خاطر هڪ گمنام مزدور شهزادي جي قدمن تي نثار (يعني قربان) ڪري رهيا آهن! (انوارِ رضا، ص ۴۱۵ ملخصاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! توهان ڏٺو ته اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي سچّي عِشّقِ رسول جي صدقي هڪ مخصوص خُوشبو جي ذريعي معلوم ٿي ويو ته پالڪي کڻڻ وارن مزدُورن مان ڪو سَيد زادو به آهي ۽ پوءِ اُتي موجود ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجي اکين سان عشق جو هي نِرالو انداز ڏٺو ته اعلٰي



www.dawateislami.net

حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن جو مقام ايترو بلند آهي ته عَرَب ۽ عَجَم جي نامي گرامي علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام اُن کان شرفِ بيعت حاصل ڪن، انهن جي صحبت کي پنهنجي لاءِ باعثِ فَخُر سمجهن، توهان کان حديث روايت ڪرڻ جي اجازت طَلَب ڪن، توهان جي مجدّدِ وقت، ولي ڪامل ۽ عاشقِ رسول هئڻ جي گواهي ڏين، جن کي ڪم و بيش پنجاهه (50) علوم ۽ فُنُون ۾ ڪامل مهارت حاصل هئي، جن لُغَوي، مَعْنَوي، اَدَبي ۽ علمي ڪمالات تي مُشْتَمِل ذاتِ خُدا، عظمتِ مُصطَفٰي ۽ مُقَدَّس هستين جي اَدَب ۽ اِحْتِرام جو پاسبان ترجمو قُرآن ”ڪنزُالايمان“ ڪيو، ڇهه هزار اٺ سو ستيتاليهه (6847) سُوالن ۽ جوابن ۽ ٻه سو ڇهه (206) رسالن سان مُزَّين ٽيهه (30) جلدن تي مشتمل ايڪيهه هزار ڇهه سو ڇاونجاهه (21,656)صفحن تي مُشْتَمِل فتاويٰ رضويه جن جي علمي مقام ۽ مرتبي جو ثُبُوت آهي، جن جي وُسعتِ علمي ۽ فَصَاحت و بلاغت هر طرف واهه واهه ٿي رهي آهي، جنهن حرمين شريفين ۾ ٻه (2) ڏينهن جي مختصر عرصي ۽ اهو به بيماري جي حالت ۾ ”اَلدَّوْلَةُ الْمَكِّيَّة“ جهڙو تحقيقي رسالو عربي ۾ لکي ڪري، محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ علمِ غيب جي ثُبُوت تي دليلن جو ذخيرو لڳائي ڇڏيو ۽ دُشمنانِ رسول جا ڏند کٽا ڪيا، گڏوگڏ عُلماءِ حَرَمَين کان دادِ تحسين حاصل ڪئي، اڄ اهو ئي امامِ عشق ۽ مَحَبَّت عاجزي ۽ اِنڪساري جي تصوير بڻجي ڪري سرِعام هڪ سيد زادي جي آڏو مُعافي گهُري رهيا آهن ۽ خُود پالڪي ۾ ويهڻ جي بجائي سَيد زادي کي پالڪي ۾ ويهاري ڪري پالڪي جو بوجهه پنهنجي ڪُلهي تي کڻي رهيا آهن. گڏوگڏ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي طرزِ عمل سان هي مدني گُل به سکڻ لاءِ مِليو ته ساداتِ ڪرام کي سندن نالي سان مُخاطَب ڪرڻ خلافِ اَدَب آهي جو اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه به ساداتِ ڪرام کي اُن جي نالو سان پُڪارڻ کي بي اَدَبي شُمار ڪندا هئا .



www.dawateislami.net

ايستائين جو توهان جي مُتَعَلِقِين (تعلق رکڻ وارن) مان جيکڏهن کو اِن قسم جي بي احتياطي کندو هو تہ ناراضي جو اِظهار فرمائيندا هئا ۽ آئنده ساداتِ کرام جي اَدَب ۽ اِحتِرام جي تعليم ارشاد فرمائيندا هئا .

غور کريو تہ جنهن کي ساداتِ کرام جي عقيدت ۽ مَحَبَّت ۽ اُن جي اِحتِرام جو اِيتري قدر لحاظ هجي، اُن کي سَيدن جي سردار، سرکارِ نامدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان کيتري قدر والهانہ عشق هوندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن کنهن کي کنهن سان عشق ٿي ويندو آهي تہ عاشق پنهنجي قلبي جذبات جو اِظهار ۽ محبوب جي تعريف ۽ توصيف بيان کرڻ جي لاءِ اکثر کري اَشْعار جو سهارو وٺندو آهي، ڇو جو اَشْعار جي ذريعي پنهنجي دِلي جذبات بهتر انداز ۾ بيان کري سگهجن ٿا. تنهنکري اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن بہ پنهنجي عشق جي اِظهار جي لاءِ نعتيہ شاعري جو رستو اِختيار فرمايو جيئن تہ عشق ۽ مستي جي عالَم لکيل کلامن تي مشتمل نعتيہ مجموعو بنام ”حدائقِ بخشش“ سندن جي شاعري جو هڪ عظيم کارنامو آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نوڪ قلَم سان تحرير ٿيندڙ هڪ هڪ شعر، شريعت جي عين مُطابق آهي. ائين تہ سندن جي اِن مجموعي جي تقريبًا هر هر کلام کي زبردست شُهرت حاصِل رهي، پر بِالخُصُوص سلامِ رضا (يعني مُصطَفٰی جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام، شَمعِ بزمِ ہدایت پہ لاکھوں سلام) کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جيکو عُروج ۽ مرتبو بخشيو آهي اهو پنهنجي مثال پاڻ آهي. اهو ئي سبب آهي تہ ”حدائق بخشش“ ۽ ”سلامِ رضا“ جي خُوبين تي مختلف اِعْتِبار سان ڪتُب ۽ رَسائل تَصنِيف (لکڻ) جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. ننڍي وڏي، پوڙهي جوان ۽ مرد عورت سڀ محفلن وغيره ۾ ان سلام



www.dawateislami.net

كي عِشّقِ رسول ۾ بي ساختگي سان جُهومي جُهومي ڪري پڙهندا آهن ۽ اُن تي هڪ عجيب رِقّت طاري ٿي ويندي آهي.

اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن ان سلام ۾ آقا ۽ مولٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بين فضيلتن ۽ ڪمالن سان گڏوگڏ، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مختلف عضون مُبارڪن جي شان ۽ شوڪت به تمام بهترين انداز ۾ بيان فرمائي آهي. جيئن اُس ۽ چانڊوڪي ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسمِ اقدس جو پاڇو نه هو، توهان جي تاجِ نُبُوّت جي هي شان هئي ته وڏا وڏا سردار به بارگاهِ رسالت ۾ مٿو جهُڪائيندا هئا، توهان جا گوشِ مبارڪ (ڪَن مبارڪ) اهڙا جو ميلن ڪان پَري جي آواز به ٻُڌي وٺندا هئا، چشمانِ مبارڪ (اکيون مبارڪ) حَيا سان جهڪيل رهنديون هيون، مُبارڪ زبان اهڙي جو جيڪو فرمائي ڇڏيو، ٿي ويو. توهان جي حڪومت ٻنهي جهانن ۾ نافذ آهي، توهان جي بارگاهه ۾ ڪو ڏُکايل يا پريشان حال حاضر ٿيندو هو ته چهري انور جي مسڪراهٽ کي ڏسي ڪري سڀ غم وساري ڇڏيندو هو، توهان جي مبارڪ گلي مان کير ۽ ماکيءَ جهڙي مٺي خوبصورت آواز نڪرندي هئي. حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سادگي ۽ قناعت جو هي عالَم هو جو مالڪ ڪائنات هئڻ جي باوجود انتهائي سادي غذا تناول فرمائيندا هئا. اچو ته! انهيءَ متعلق اسان سلامِ رضا جا ڪجھ اَشعار ٻُڌون ۽ عشق ۽ محبت ۾ جُهومون:

قَدِّ بے سایہ کے سایۂ مرحمت
ظِلِّ مَمدُودِ رافَت پہ لاکھوں سلام

جس کے آگے سرِ سَروَراں خَم رہیں
اُس سرِ تاجِ رِفعَت پہ لاکھوں سلام

لَیلَۃُ القَدر میں مَطلَعِ الفَجر حق
مانگ کی اِستِقامت پہ لاکھوں سلام

دُور و نزدیک کے سُننے والے وہ کان
کانِ لَعلِ کَرامت پہ لاکھوں سلام



www.dawateislami.net

جن کے سجدے کو محرابِ کعبہ جُھکی
اُن بھوؤں کی لطافت پہ لاکھوں سلام

نیچی آنکھوں کی شَرم و حَیا پر دُرود
اُونچی بینی کی رِفعت پہ لاکھوں سلام

وہ زباں جس کو سب کُن کی کُنجی کہیں
اُس کی نافذ حُکومت پہ لاکھوں سلام

جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں
اُس تبَسُّم کی عادت پہ لاکھوں سلام

جس میں نہریں ہیں شِیر و شکر کی رَواں
اُس گلے کی نَضارت پہ لاکھوں سلام

حَجَرِ اَسوَدِ کعبۂ جان و دل
یعنی مہرِ نُبوّت پہ لاکھوں سلام

کُل جہاں مِلک اور جَو کی روٹی غذا
اس شِکَم کی قناعت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

هتي هي ڳالهه بہ ذهن نشين رهي تہ نعتيہ اَشعار تحرير ڪرڻ هر ڪنهن جي وَس جي ڳالهه ناهي، نہ ئي هر ڪنهن کي ان جي اجازت آهي، نعتيہ شاعري جي لاءِ فَنِ شاعري جي اُصولن سان گڏوگڏ علمِ دين جي دولت ۽ عُلماءِ حق جي صحبت وغيره ڪيترين ئي شين جو هئڻ ضروري آهي، ڪيترائي اهڙا شاعر جن جو دنيوي شاعري ۾ ڪو ثاني ناهي، پر جڏهن انهن نعتيہ شاعري جي ميدان ۾ قسمت آزمائي تہ علمِ دين ۽ علماءِ دِين جي صحبت کان مَحرُوم هئڻ جي سبب اهڙا اهڙا ڏِڪا کاڌا جو الامان و الحفيظ. بهرحال عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ عام ماڻهو نعت شريف لکڻ جو خيال پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏي، ڇو جو هي آسان ڪم ناهي.

قربان وڃو! اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ڪمالِ احتياط تي جو نعت لکڻ جي ڪامل اَهل هئڻ ۽ فنّ شاعري جي اُصولن ۾ مهارت حاصل هئڻ جي باوُجود نعت شريف لکڻ کي هڪ مُشڪل ڪم چوندا هئا جيئن تہ خُود



www.dawateislami.net

ئي فرمائن ٿا: حقيقت ۾ نعت شريف لکڻ نهايت مُشکل آهي، جنهن کي ماڻهو آسان سمجهندا آهن، اِن ۾ تلوار جي ڌار تي هلڻ آهي.[1]

شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب "ڪفريه ڪلِمات جي باري ۾ سوال جواب" جي صفحي 232 تي نعتيه شاعري ڪرڻ جي باري ۾ ارشاد فرمائن ٿا: ته هي سُنّتِ صَحابه عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان آهي يعني ڪجھ صحابه مَثلاً حسّان بن ثابِت رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ۽ حضرت سيدُنا زيد رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ وَغَيرَهُما کان نعتيه اَشعار لکڻ ثابت آهي. پر هي ذِهن ۾ رهي ته نعت شريف لکڻ نهايت مُشڪل فَن آهي، اِن جي لاءِ ماهِرِ فَن، عالِمِ دين هئڻ گهرجي، نه ته عالِم نه هئڻ جي صورت ۾ رَديف، قافِيي ۽ بَحر (يعني شعر جو وَزَن) وغيره کي نِڀائڻ جي لاءِ خلافِ شان اَلفاظ ترتيب ۾ اچڻ جو خَدشو رهندو آهي. عوامُ النّاس (عام ماڻهن) کي شاعِري جو شوق هئڻ مناسِب ناهي جو نَثر جي مُقابلي ۾ نَظم ۾ ڪفرِيات جي صُدُور (يعني وُقوع) جو وڌيڪ انديشو رهندو آهي. جيڪڏهن شرعي غلطين کان ڪلام محفوظ رهجي به ويو ته فُضوليات کان بچڻ جو ذِهن تمام گهٽ ماڻهن جو هوندو آهي. جي ها! اڄ ڪلھ جهڙي طرح عام گفتگو ۾ فُضول اَلفاظ جي ڀرمار ڏٺي ويندي آهي، اِهڙي طرح بيان ۽ نعتيه ڪلام ۾ به هوندو آهي.[2] تنهنڪري اَدَب جو تقاضو ته هي آهي ته فَنّ نعت کان ناواقِف ماڻهو خود لکڻ جو شوق هرگز نه رکن جو اِنهي ۾ ئي ڀنهي جهانن جي ڀلائي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جيستائين زنده رهيا، عِشقِ رسول جي طُفيل بارگاهِ مُصطَفيٰ کان حاصل ٿيڻ وارن اَنوار و

1...ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،ص۲۲۷

2...کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب،ص۲۳۲



www.dawateislami.net

تَجَلِيات کان خُود بہ فيضياب ٿيندا رهيا ۽ مخلوقِ خُدا کي بہ فيضياب ڪندا رهيا گڏوگڏ رحمتِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عِنايتن جو سلسلو صرف توهان جي حيات تائين ئي مَحۡدُود نہ رهيو بلڪ وِصال کان پوءِ بہ اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تي مهربانيون ۽ شفقتون ٿينديون رهيون. جيئن تہ

## دربارِ رسالت ۾ انتظار

25 صَفرُالمُظَفَّر 1340ھ ۾ بيت المقدس ۾ هڪ شامي بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه خواب ۾ پنهنجو پاڻ کي دربارِ رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ ڏٺو، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان دربار ۾ حاضر هئا، پر مجلس ۾ خاموشي طاري هئي ۽ ائين معلوم ٿيو تہ ڪنهن اچڻ واري جو انتظار آهي، شامي بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بارگاهِ رسالت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عرض ڪيو: حضور! (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين ڪنهن جو انتظار آهي؟ سيدِ عالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اسان کي احمد رضا جو انتظار آهي، شامي بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه عرض ڪيو: حضور! احمد رضا ڪير آهن؟ ارشاد ٿيو: هندوستان ۾ بريلي جا باشنده آهن، بيداري کان پوءِ اهي شامي بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه مولانا احمد رضا رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي تلاش ۾ هندوستان جو سفر ڪيو ۽ جڏهن اهي بريلي شريف آيا تہ انهن کي خبر پئي تہ ان عاشق رسول جوانهيءَ ڏينهن (يعني 25 صفر المظفر 1340ھ) تي وصال ٿي چڪو آهي، جنهن ڏينهن انهن خواب ۾ سرڪار عالي وقار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي چوندي ٻڌو آهي تہ ”اسان کي احمد رضا جو انتظار آهي“. ‘‘

يااِلٰہی جب رَضا خوابِ گراں سے سر اُٹھائے ۔۔۔ دولتِ بیدارِ عِشقِ مُصطفٰے کا ساتھ ہو

(ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت ،ص۳۵-۳۶)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! ۔۔۔ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## ڪتاب”ملفوظاتِ اعليٰ حضرت“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! امامِ عشق ومَحَبَّت، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مَحَبَّت دل ۾ پيدا ڪرڻ، پاڻ جي عِشقِ رسول مان حِصّو حاصل ڪرڻ ۽ اِرشادات مان رهنمائي حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 568 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**ملفوظاتِ اعليٰ حضرت**“ جو مُطالعو نهايت مُفيد آهي. هي ڪتاب شهزادهٴ اعليٰ حضرت ، تاجدارِ اهلسنّت، حُضُور مُفتيِ اَعظَم هِند مولانا مُصطَفٰي رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي تاليف ٿيل اها ڪتاب آهي، جنهن ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن اعليٰ حضرت جي عِلم ۽ حِڪمت ۽ عِشقِ رسول سان پرپُور ارشادن کي جمع فرمايو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ شريعت جا اَحڪام، طريقت جي آداب ، نبي اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابهٴ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جا فضائل و مناقِب ، سَلاطِينِ اِسلام جو تذڪرو، عُلُوم و فُنُون سان لڳاؤ رکڻ وارن جي ذهن ۾ پيدا ٿيڻ وارن مونجهارن جا جواب، حَرام ۽ حلال جا ضروري مسائل، بُزُرگن جي اِيمان اَفروز حڪايات ۽ اِن کان علاوه بي حد مُفِيد معلومات جو خزانو موجود آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي کان هَدِيةً طَلَب فرمائي ڪري خُود بہ هن ڪتاب جو مُطالعو فرمايو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net کان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري بہ سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# حدائقِ بخشش جو تعارف!

اعلٰي حضرت، امام اهلسنت،مولانا شاهه احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو بي مثال نعتيہ ديوان ”حدائقِ بخشش“ آهي. وليء كامل ۽ امامِ عشق و محبت جي نوڪِ قلم كام نكتل هر هڪ شعر قرآن و حديث جو سچو ترجمان ۽ ناموسِ مصطفٰي، صحابہ و اهلِ بيت ۽ اولياءِ كرام رِضْوَانُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن جي عظمتن جو سچو محافظ ۽ ان جي فيض ۽ بركتن جو سرچشمو آهي. جيئن تہ اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ كي اردو كان علاوه ٻين زبانن ۾ بہ كامل عُبُور حاصل هو، ان لاءِ توهان اُردو كان علاوه عربي ۽ فارسي وغيره زبانن ۾ بہ نعتون تحرير فرمايون آهن. اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن پنهنجي ان نعتيه ديوان ۾ فصاحت و بلاغت جا اهي دريا وهايا جو زماني جي كيترن نامي گرامي شاعر ۽ اديب، حدائقِ بخشش جو مطالعو كندا آهن تہ انهن جون عَقلون دَنگ رهجو وڃن ۽ اهي داد و تحسين ڏيڻ جي بغير نہ رهي سگهندا آهن.

شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطّارقادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه كي حدائقِ بخشش سان ايتري قدر لڳاؤ آهي جو توهان دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي بيانن ۽ مدني مذاكرن ۾ وقتًا فوقتًا حدائقِ بخشش جا اشعار پڙهندا آهن بلڪ پنهنجي مريدين ۽ متعلقين كي بہ حدائق بخشش پڙهڻ ۽ پاڻ سان گڏ ركڻ جي ترغيب ڏياريندا آهن. الغرض حدائقِ بخشش اعلٰي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو اهو بلند درجي جو كارنامو آهي جو جنهن جي بدولت عاشقانِ رسول جي سِينن ۾ عشقِ مصطفي جي ڏيئو روشن آهي. دعوتِ اسلامي جي مكتبة المدينہ كان حدائق بخشش خريد كري پڙهو، توهان جي عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو.

اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

# مڪتبة المدينہ جو قيام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عِشقِ رسول جي شمع پنهنجي دل ۾ روشن ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 97 شعبہ جات ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، اِنهي مان هڪ مڪتبة المدينہ بہ آهي. دورِ حاضر ۾ پيغامات جي تَرسِيل ۽ ڪتب و رسائل جي اِشاعت جي لاءِ جديد ذريعن ۽ وسيلن جو اِستِعمال وڏي تيزي سان عام ٿي رهيو آهي، هئڻ تہ هي گهرجي ها تہ ان جديد ذريعن کي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ يا ٻين جائز مقصدن جي لاءِ ئي استعمال ڪيو وڃي ها، پر افسوس جو ڪجھ باطل قوّتن اِن ذرائعِ اِبلاغ کي پنهنجي مَفادن جي تڪميل جو هٿيار بڻائي ورتو آهي، جنهن جي مدد سان اهي ڏينهن رات پنهنجي گُمراهہ ڪندڙ عَقيدن جي تَروِيج ۽ اِشاعت ڪري ڀولن ڀالن مسلمانن کي راهِ حق کان هٽائڻ ۾ مَصروف آهن. اَلۡغَرض هڪ طرف بي عملي جو سيلاب پنهنجي تباهيون مَچائي رهيو آهي تہ ٻي طرف بد عقيدگي جي خَوفناڪ طُوفان جي هَولناڪيون بربادي جي خوفناڪ مَنظر پيش ڪري رهيون آهن، تنهنڪري شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامه مولانا اَبُوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن ان پُرفِتَن حالتن ۾ بہ بَد عقيدگي جي ان سيلاب جي اڳيان بند ٻَڌڻ جي اَڻٿڪ ڪوششون فرمائيون آخرڪار توهان جي مُخلِصانہ ڪوشسن رنگ آندو ۽ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ١۴٠٦ھ بمطابق 1986ء ۾ تبليغِ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شاندار آغاز ٿي ويو. دعوتِ اسلامي جي ان شُعَبي کان، پريان صِرف بيانن



www.dawateislami.net

جي آڊيو ڪيسٽون جاري ڪيون ويون ۽ پوءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فَضل و ڪرم ۽ رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت سان اهڙي تَرَقّي نصيب ٿي جو آڊيو ڪيسٽن سان پنهنجي ڪم جو آغاز ڪرڻ واري اِداري مڪتبة المدينہ جي تَحت اڄ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ باقاعده پريس (Press)۽ وي سي ڊيز(VCDs) مڪتب قائم آهن، جو ان شُعبي سان مُتَعَلّق هر قسم جي جَديد سَهوليات و ضَروريات سان آراستہ آهن. ان مُختَصَر عرصي ۾ مڪتبة المدينہ جتي سُنَّتن ڀرئي بيانن ۽ مدني مُذاڪرن جي لکين لک ڪيسٽون ۽ وي سي ڊيز (VCDs) دُنيا ڀر ۾ پهچايون ۽ پهچي رهيون آهن، اتي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ، اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ۽ بين عُلَماءِ اَهلسُنَّت كَثَّرَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جون ڪتابون بہ شائِع ٿي ڪري ڪثير تعداد ۾ عوام جي هٿن ۾ پهچي ڪري سُنَّتن کي زِندہ ڪرڻ جو سبب بڻجي رهيون آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جا تمام شُعبہ جات بَشمول مڪتبة المدينہ کي ڏينهن ٻارهين رات ٻارهين تَرقّي عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں ... اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!**

- اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو سينہ،عِشقِ مُصطفيٰ جو سرچشمو هو، توهان جي ملفوظات، فتاويٰ جات ۽ نعتيہ اَشعار سان عِشقِ مصطفيٰ جون جهلڪيون نظر اينديون هيون.



www.dawateislami.net

- پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ تي حُضُورِ اکرم، نُورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو تمام گهڻو فَضَل ۽ ڪرم هو، ايستائين جو ٻي ڀيري سَفرِمدينه جي موقعي تي سرورِ عالَم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن حالتِ بيداري (سُجاڳ حالت) ۾ پنهنجي دِيدار جو جام به پِياريو.
- اعلِي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي عقيدتن جو مرڪز مَدِينَة الرَّسُوۡل هو ۽ توهان فَنا فِي الرَّسُول جي ان اعليٰ مَرتبي تي فائز هئا جو خُود ئي اِرَشاد فرمائي ڇڏيو ته جيڪڏهن ڪو منهنجي دل جا ٻه ٽڪڙا ڪري ته هڪ تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله ۽ ٻي تي مُحَمَّدٌ رَّسُولُ الله (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) لکيل ڏسندو.
- پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ، حُضُورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نالي اَقْدس ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان تَعلُّق ۽ نِسبَت رکڻ واري هر شي جو بي حد اَدَب بَجا آڻيندا هئا ڳڏوڳڏ ساداتِ ڪرام جو ته ايتري قدر اَدَب ۽ تعظيم وارو سُلوڪ فرمائيندا هئا جو ڏسڻ وارا حيرت ۾ پئجي ويندا هئا.
- پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جن قلمي، زَباني ۽ عملي هر طريقي سان ماڻهن جي شَرعي رَهْنُمائي فرمائي، خُود به اَسلافِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ السَّلَام جي نَقْشِ قدم تي هليا ۽ ماڻهن کي به انهي رستي تي هلڻ جي تاڪيد فرمائيندا رهيا .
- پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ناموسِ رسالت جا سچا پاسبان هئا، عام مُسلمانن جي لاءِ اِنتهائي رَحَم دِل جڏهن ته بد دِينن ۽ گُستاخانِ رسول ۽ دُشمنانِ صحابہ و اَوَليا جي لاءِ شمشيرِ بي نِيام (بي نيام) جيان هئا، پوري زِندگي بد دِينن جو بيج ڊاهڻ ۾ مصروف رهيا.
- ترجمو قرآن ”ڪنزالايمان“ ۽ نعتيه ديوان ”حدائقِ بخشش“ توهان جا اهي شاندار ڪارناما آهن جو ان کي پڙهڻ يا ٻُڌڻ وَقت سيني ۾ مَوجُود دل،



www.dawateislami.net

عِشقِ حبيب ۾ جُهومڻ لڳندو آهي، اَلْغرض اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو عِشقِ رسول اسان جي لاءِ بهترين نمونو آهي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي بہ اعلٰي حضرت جي صَدَقي پياري آقا، مکّي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سچي مَحَبَّت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن ۾ سي هڪ مدني ڪم "چوڪ درس"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي فيض ۽ برڪتن مان حِصّو حاصل ڪرڻ جي لاءِ توهان بہ مَسلڪ اعلٰي حضرت جي ترجماني ڪرڻ واري، تبليغِ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري مدني اِنْعامات تي عمل ۽ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو هنڌ اوڇڻ بڻائي وٺو، گڏوگڏ ذيلي حلقي جي ٻارنهن مدني ڪمن ۾ بہ اڳتي وڌي ڪري حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارنهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "چوڪ درس" بہ آهي. ياد رهي تہ! دَرس ۽ بيان جي ذَريعي ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان مَنْع ڪرڻ جي وڏي فضيلت آهي، جيئن تہ

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدُنا موسٰي ڪلِيمُ اللهِ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي طرف وَحي فرمائي تہ جنهن ڀلائي جو حڪم ڏنو، بُرائي کان مَنْع ڪيو ۽ ماڻهن کي منهنجي اِطاعت جي طرف گهُرايو، اهو قِيامت جي ڏينهن منهنجي



www.dawateislami.net

عرش جي سائي ۾ هوندو. [1] حُجَّةُ الۡاِسلام حضرت سيدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ، دِين جو قُطبِ اعظم آهي، (يعني اهڙو اَهم رُڪن آهي جو اِن سان دِين جون تمام شيون وابَستہ آهن) اِنهيءَ اَهم ڪم جي لاءِ الله تعالٰي تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي مَبعُوث فرمايو. [2] الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي چوڪ درس ڏيڻ يا ٻُڌڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**مدني بهار:** دعوتِ اسلامي جي عالَمي مَدَني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ ٿيڻ واري آخري عشري جي سنّتن ڀرئي اِجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ، هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ هڪ رات آئون سُتل هئس تہ منهنجي قسمت جاڳي پئي، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون خواب ۾ **اِمامِ اَهلسُنَّت، مُجَدِّدِ دين ومِلّت، عالِمِ شَرِيعَت، پيرِ طريقت، حضرتِ علامہ مولانا الحاج الحافِظ القاري شاه امام اَحمد رَضا خان** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو دِيدار ڪيو. مون ڏٺو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نماز پڙهائي رهيا آهن ۽ اوهان جي پويان روشن چهرن وارا ڪجهہ ماڻهو نماز ادا ڪري رهيا آهن، جن جي مٿن تي ساوا عماما ۽ بدن تي سنّت جي مطابق سفيد لباس هئا. پوءِ منهنجي اک کُلي وئي. جڏهن معلومات ڪئي تہ معلوم ٿيو تہ ساوا عماما دعوتِ اسلامي وارا سجائيندا آهن ۽ ان جا امير، **شيخِ طريقت اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه آهن. پوءِ مون کي **اميرِ اهلسنّت** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو رسالو **”امام احمدرضا جو تذڪرو“** پڙهڻ جو موقعو مليو. دل تہ ڀهريان ئي مطمئن هو، اميرِ

---

1...حِلۡيَةُ الۡاولياء، ۶/ ۳۶، رقم:۷۷۱۶

2...اِحياءالۡعُلوم،۲/۳۷۷



www.dawateislami.net

اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان مَحَبَّت ڏسي ڪري آئون مزيد متاثر ٿيس ۽ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هٿ تي بيعت ٿي ڪري عطّاري بڻجي ويس. هاڻي اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آئون دعوتِ اسلامي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ هئڻ جي سعادت ماڻي رهيو آهيان ۽ مٿي تي سائو عمامو سجائڻ ۽ سُنَّت جي مطابق هڪ مُٺ ڏاڙهي شريف سجائڻ جي به نيت ڪريان ٿو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(ابن عساڪر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسواڪ (ڏندڻ) جون سُنتون ۽ آداب

اچو ته! شيخ طريقت، اميرِ اهلسُنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گُل“ مان مِسواڪ جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. پهرين به فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن . (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته



www.dawateislami.net

مسواڪ ۾ ڏھ خوبيون آھن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آھي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آھي . (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ۞ سيّدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائيندڙيون آھن: فضول ڳالھين کان پرھيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻھن جي صحبت، پنھنجي علم تي عمل ڪرڻ (حياة الحيوان ج 2 ص 166) ۞ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي ھجي ۞ مسواڪ جي ٿولھ چيچ جي برابر ھجي ۞ استعمال ٿيل ڏندڻ جا ٽاندورا ڳڏوڳڏ خود ڏندڻ جڏھن استعمال جي قابل نہ رھي تہ اڇلايو نہ، جو ھي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آھي، ڪنھن جڳھ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجھي ڇڏيو . (بھارشريعت ج 1 ص 294 مکتبةالمدينه، درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 250)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار
سُنّتوں کی تربیّت کے قافِلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ته دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي

---

[1]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

---

1 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

2 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net